FACTSHEET

PAK

2014

# آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

## صلاحيت وڌائڻ ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ



**مالي سهائتا ڪندڙ:** گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ

**عرصو:** اپريل 2013 کان نومبر 2014

**منصوبي جو عنوان:** سنڌو ماحولي خطي ۾ موسمي تبديلي سان موافقت ۽ آفتن جي خطرن ڪي گهٽتائي اهم ڏارا جو حصو بڻائڻ

پاڪستان تي موسمي تبديليءَ جو تمام وڏو اثر پيو آهي، جنهن جو مثال جرمن واچ جي سال 2010 ڪان پيش ڪيل موسمي خطرن واري انڊيڪس (ڪلائميٽ رسڪ انڊيڪس) آهي، جنهن ۾ پاڪستان کي لڳاتار طور وڏن خطرن هيٺ آيل قومن جي فهرست ۾ شامل ڪيو پيو وڃي، خاص ڪري سنڌ صوبو تازين آفتن ۽ موسمي تبديلين کان سخت متاثر ٿيوآهي. ان جا ڪيترائي اهم سبب آهن، جن ۾ برادرين پاران گهٽ موافقت رکڻ، ڪمزور ادارتي ۽ پاليسي نظام ۽ قدرتي وسيلن تي مقامي دٻاءُ شامل آهن. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين) جي سهڪار سان سنڌو ماحولي خطي ۾ قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت رکڻ واري منصوبي تي عملدرآمد آهي. منصوبي جو بنيادي مقصد ماحولي سرشتي ۾ لچڪدار اپائن جي نشاندهي ۽ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ سفارشون پيش ڪرڻ آهي. هن منصوبي جو اهم جزلاڳاپيل اهم ڪاتن ۽ برادرين جي صلاحيت وڌائڻ آهي.

## منصوبي جا مقصد

انهن مسئلن کي نظر ۾ رکندي هن منصوبي جا مقصد آهن ته:

1) اوليتي سائنسي ڄاڻ ۽ تجزياتي پاليسي معلومات جي نشاندهي ڪرڻ جيڪا سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديليءَ کي گهٽائڻ لاءِ اپاءَ ونڻ ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل آهي.

2) پاليسيون ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جي لاءِ اپائن جي بنياد تي موسمي لچڪدار نظام پيش ڪرڻ آهي.



3) سنڌ جي چونڊ خطرن هيٺ اينڊڙ برادرين خاص ڪري عورتن جي موافقتي صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ آهي

4) سنڌ سرڪار کي تخليقي ماحولي سرشتي جي بنياد تي موسمي طور لچڪدار معاشي وسيلن لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن کي جنس جو محور بڻجنڙ موافقتي پاليسين ۾ مربوط طور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي اهم ڌارا ۾ شامل ڪرڻ آهي.

## ڪاميابيون

2010 ۽ 2011 جي تجربن مان اهو معلوم ٿيو آهي ته لاڳاپيل حڪومتن ۽ انهن جي خاص ايجنسين پاران آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ واريون انتظام ڪاري سرگرميون سنڌ ۾ ڪشمور ۽ جيڪب آباد ۽ بلوچستان ۾ نصيرآباد ۽ جعفرآباد ضلعن ۾ ٻوڏن ۽ ممڪن تيز برساتن بابت اڳواٽ ڄاڻ مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيون آهن. ان جو اهم سبب اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ آفتن سان لاڳاپيل ايجنسين جي محدود صلاحيت ۽ آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل بجيٽ نه هجڻ آهي. ان نتيجي ۾ مقامي ماڻهو اوچتو برساتن ۽ ٻوڏن ۾ ڦاسي پيا، جنهن ڪري ڪافي انساني ۽ معاشي وسيلن جو نقصان ٿيو.

ان ضرورت جي حل لاءِ ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان هن منصوبي تحت مقامي ۽ پاليسي سطح تي صلاحيت وڌائڻ جا ورڪشاپ منعقد ڪيا. چوٺياري ۽ ڪينجهر ۾ برادري سطح تي به تربيتون ڏنيون ويون، جن ۾ خاندانن جي 500 سربراهن جن ۾ 250 عورتون به شامل هيون انهن کي ايڪواڪلچر ۾ تربيت ڏني وئي. 20 ماسٽر ٽرينر جيڪي اڳواٽ ايڪواڪلچر۾ سکيا حاصل ڪري چڪا هئا، انهن کي اهي تربيتون منعقد ڪرڻ لاءِ متحرڪ ڪيو ويو. هر ماسٽر ٽرينر پاران ٻن ڏينهن اندر 25 ڳوٺاڻن کي گروپن جي شڪل ۾ سکيا ڏني وئي.

ان سان گڏوگڏ جون 2014 ۾ ڪراچي ۾ پاليسي سطح جا 2 ورڪشاپ به منعقد ڪيا ويا، جن جو مقصد منصوبا ۽ پاليسي جوڙيندڙن کي آفتن جي خطرن گهٽائڻ ۽ ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديلي سان موافقت بابت صلاحيت وڌائي وئي.



## ڊبليو ڊبليو پاڪستان جو موسمي تبديلي جو مقصد

پاڪستان ۾ گوناگون جيوت ۽ ماحولي سرشتن تي موسمي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سڄي ملڪ اندر موسمي تبديلي سان موافقت واري پروگرام جو آغاز ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ پائدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ.

Why we are here:
To stop the degradation of the planet's natural environment and to build a future in which humans live in harmony with nature.

www.wwfpak.org info@wwf.org.pk WWFPak WWFPak

Climate Chnage Adapation in Pakistan

WWW.WWFPAK.ORG/CCAP

WWF

FACTSHEET

PAK

2014

# آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائي، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

## موسمي تبديلي جي مدنظر جنس جو ڪردار ۽ خطرن جو تڪڙو اثر وٺڻ



**مالي سهائتا ڪندڙ**: گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين)

**عرصو**: اپريل 2013 کان نومبر 2014

**موضوع**: آفتن جي خطرن ڪي گھٽائڻ، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال




پاڪستان ۾ ٻوڏن ۽ ٻين آفتن سبب خوشحالي جي نقصان جي تخميني بابت ڪيل تحقيقي اڀياس تمام گھٽ آهن، خاص ڪري ادارن، مارڪيٽن ۽ سماجي نيٽ ورڪن پاران آفتن جي تڪڙن نتيجن جي تعين ۽ ٻيهر بحالي بابت ڪنهن بہ قسم جي تحقيق ناهي ڪئي وئي. تحقيقي خالن ڪي پورو ڪرڻ ۽ منصوبا جوڙيندڙن ۽ پاليسي ناهيندڙن ڪي صحيح ڄاڻ تي ٻڌل فيصلن ۾ مدد مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌو ماحولي خطي ۾ آفتن جي خطرن ڪي گھٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت رکڻ ڪي اهم ڏارا جو حصو ٺاهڻ واري منصوبي بي مثالي تحقيقي نتيجا ڏنا آهن، جيڪي چوپائي مال ۽ ماهيگيري وارن ڪاتن ۾ آفتن ۽ ٻوڏن جي اثرن ڪي سمجھڻ، خاندانن پاران خوشحالي قائم ڪرڻ لاءِ عمل ڪيل حڪمت عملين ڪي جاچڻ ۽ موافقت ۽ موسمي تبديلي جي پاليسي ڪي پاڪستان جي سياسي، تاريخي ۽ معاشي پسمنظر ۾ ڏسڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا آهن.

سنڌو ماحولي خطي ۾ آفتن جي خطرن ۾ گھٽتائي ۽ موسمي تبديلي سان موافقت ڪي اهم ڏارا جو حصو ٺاهڻ واري منصوبي جي مالي سهائتا گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين) پاران ڪئي وئي آهي، جنهن جو محور ماحولي سرشتي ۾ لچڪدار اپاءَ ۽ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جون سفارشن جي نشاندهي ڪرڻ آهي.

### منصوبي جا مقصد

انهن مسئلن ڪي نظر ۾ رکندي هن منصوبي جا مقصد آهن تہ:

1) اوليتي سائنسي ڄاڻ ۽ تجزياتي پاليسي معلومات جي نشاندهي ڪرڻ جيڪا سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديليءَ ڪي گھٽائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن ڪي گھٽائڻ لاءِ گھربل آهي.

2) پاليسيون ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جي لاءِ اپائن جي بنياد تي موسمي لچڪدار نظام پيش ڪرڻ آهي.

3) سنڌ جي خطرن هيٺ ايندڙ چوندڊ برادرين خاص ڪري عورتن جي موافقتي صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ آهي.

4) سنڌ سرڪار ڪي تخليقي ماحولي سرشتي جي بنياد تي موسمي طور لچڪدار معاشي وسيلن لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن ڪي جنس جو محور بڻجندڙ موافقتي پاليسين ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ ڪي اهم ڏارا ۾  شامل ڪرڻ آهي.



## ڊبليو ڊبليو پاڪستان جو موسمي تبديلي جو مقصد

پاڪستان ۾ گوناگون جيوت ۽ ماحولي سرشتن تي موسمي تبديلي جي اثرن ڪي گهٽائڻ لاءِ سڄي ملڪ اندر موسمي تبديلي سان موافقت واري پروگرام جو آغاز ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ پائدار ترقي ڪي هٿي وٺرائڻ.

## ڪاميابيون ۽ سفارشون

هن منصوبي تحت جنس جي خطرن جي لپيٽ ۾ اچڻ واري مسئلي تي پاليسي خلاصو ناهيو ويو ۽ جنس ڪي پاليسيءَ جي اهم ڏارا جو حصو بڻائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. منصوبي تحت حاصل ڪيل نتيجن جي بنياد تي خلاصي ۾ سفارشون پيش ڪيون ويون آهن، جن جو مقصد ترغيبن وارا هموار وسيلا مهيا ڪرڻ آهن جن جو محور هي آهي؛

1) سرگرمين ۾ گهربل هم آهنگيون "معمول موجب ڪم" جي صورت ۾ هلنديون رهنديون ۽،
2) نوان قدر وڌائيندڙ قدم جيڪي موسمي نقطن سان هم آهنگي جي صورت ۾ شروع ٿين.

## پاليسي خلاصي ۾ پيش ڪيل سفارشون هيٺ ڏجن ٿيون؛

1) مقامي سطح تي جنسي موٽ ڏيندڙ وسيلن جي انتظام ڪاري وارا ادارا ۽ گروهه جوڙيا وڃن، جيڪي چوپائي مال ۽ ماهيگيري جي ترقي لاءِ گهربل وسيلن تائين پهچ ڪي يقيني بڻائين.
2) پنتي پيل ماهيگيرن ۽ چوپايو مال پاليندڙن ڪي مارڪيٽ تائين نئين ۽ بهتر پهچ مهيا ڪئي وڃي ۽ موجوده پورهئي واري مارڪيٽن ۾ ڪم جي حالتن ڪي بهتر بڻايو وڃي، جيڪي وڏي پئماني تي ناهمواري جو شڪار آهن.
3) جنس بابت موٽ ڏيندڙ مشاورتي خدمتون ڏيڻ جيڪي ضروري معلومات ۽ هنر فراهم ڪن ته جيئن ننڍي پئماني تي خانداني پيداوار جي سرشتن ۾ مقابلو يقيني بڻائجي.
4) متبادل معاشي ذريعن ڪي پنتي پيل گروهن جن ۾ غريب عورتون شامل آهن، انهن ڪي متبادل معاشي ذريعن جي فراهمي ڪجي ته جيئن انهن جو نازڪ قدرتي وسيلن تي دٻاءُ گهٽجي سگهي.

مربوط آفتن جي خطرن ڪي گهٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت ذريعي عورتن ۾ لچڪداري پيدا ڪرڻ بابت پيپر تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ اهو بحث ڪيو ويو ته نون معاشي ذريعن بابت اهڙا اپاءَ ورتا وڃن، جن ۾ بهتر مڇيءَ جي پالنا، ڪير جا فارم، مربوط ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي سار سنڀال ۽ ان ڪان علاوه شموليتي طريقا جن ۾ عورتن جي اڳواٽيءَ ۾ ڳوناٽي سطح تي تنظيمن جو قيام ۽ عورتن ڪي مقامي خريدارن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ شامل هجن ته جيئن اهي پنهنجون شيون وڌيڪ قيمت تي وڪرو ڪن ۽ موسمي تبديلي ۽ آفتن سان لچڪداري وڌائين.

Why we are here:
To stop the degradation of the planet's natural environment and to build a future in which humans live in harmony with nature.

www.wwfpak.org info@wwf.org.pk WWFPak WWFPak

FACTSHEET

PAK

2014

## آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

# پاليسي معاملا: آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ موسمي تبديلي سان موافقت کي ڪهڙي طرح بهتر نموني سان مختلف ڪاتن جي پاليسين ۾ شامل ڪيو وڃي؟



پاڪستان تي موسمي تبديليءَ جو تمام وڏو اثر پيو آهي، جنهن جو مثال جرمن واچ جي سال 2010 کان پيش ڪيل موسمي خطرن واري انڊيڪس (ڪلائميٽ رسڪ انڊيڪس) آهي، جنهن ۾ پاڪستان کي لڳاتار طور وڏن خطرن هيٺ آيل قومن جي فهرست ۾ شامل ڪيو پيو وڃي، خاص ڪري سنڌ صوبو تازين آفتن ۽ موسمي تبديلين کان سخت متاثر ٿيو آهي. ان جا ڪيترائي اهم سبب آهن، جن ۾ برادرين پاران گهٽ موافقت رکڻ، ڪمزور ادارتي ۽ پاليسي نظام ۽ قدرتي وسيلن تي مقامي دٻاءُ شامل آهن. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ نالج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين) جي سهڪار سان سنڌو ماحولي خطي ۾ قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت رکڻ واري منصوبي تي عملدرآمد آهي. منصوبي جو بنيادي مقصد ماحولي سرشتي ۾ لچڪدار اپائن جي نشاندهي ۽ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ سفارشون پيش ڪرڻ آهي. هن منصوبي پاران پاڪستان ۾ موسمي تبديلي سان موافقت ۽ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي کي اهم ڌارا ۾ شامل ڪرڻ واري مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي.

اهم ڌارا ۾ شموليت هڪ باهمي عمل آهي، جيڪو مختلف سطحن تي ڪم ڪندڙ لاڳاپيل ڌرين کي ان عمل ۾ شامل ڪري ٿو ته اهي آفتن جي خطري ۾ گهٽتائي (ڊي آر آر) ۽ موسمي تبديليءَ سان موافقت (سي سي اَي) وارن اپائن کي سرڪاري منصوبابندي ۽ ترقياتي دستاويزن خاص ڪري مختلف ڪاتن جي پاليسين، قومي ۽ صوبائي بجيٽن ۽ پي سي _1 ۾ شامل ڪن. اهڙي طرح پاڪستان ۾ ڊي آر آر ۽ سي سي اي کي منصوبابندي ۽ پاليسيءَ ۾ شامل ڪرڻ شروعات مرحلي ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي منصوبا ۽ پاليسي جوڙيندڙن پاران بحث هيٺ آندو پيو وڃي.

**مالي سهائتا ڪندڙ**: گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ نالج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين)

**عرصو**: مئي 2013 کان نومبر 2014

**موضوع**: آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ



## منصوبي جا مقصد

انهن مسئلن کي نظر ۾ رکندي هن منصوبي جا مقصد آهن ته:

1) اوليتي سائنسي جاچ ۽ تجزياتي پاليسي معلومات جي نشاندهي ڪرڻ جيڪا سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديليءَ کي گهٽائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل آهي.
2) پاليسيون ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جي لاءِ اپائن جي بنياد تي موسمي لچڪدار نظام پيش ڪرڻ آهي.
3) سنڌ جي چونڊ خطرن هيٺ ايندڙ برادرين خاص ڪري عورتن جي موافقتي صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ آهي
4) سنڌ سرڪار کي تخليقي ماحولي سرشتي جي بنياد تي موسمي طور لچڪدار معاشي وسيلن لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن کي جنس جو محور بڻجندڙ موافقتي پاليسين ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي اهم ڌارا ۾ شامل ڪرڻ آهي.

## سفارشون

اهم ڌارا سان لاڳاپيل هينيون سفارشون پاليسي ناهيندڙن ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ ڪارائتيون آهن، جيڪي موسمي تبديلي سان موافقت ۽ آفتن جي خطري ۾ گهٽتائي جي حوالي کان انهن کي ماحولي سرشتي جي معاشي ذريعن بابت اپائن کي منصوبابندي ۽ پاليسي جي دستاويزن ۾ ڪاميابي سان شامل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿينديون.

## پاڪستان جي لحاظ کان اوليتن جي نشاندهي

موسمي ۽ آفتن کان لچڪ ڏيکاريندڙ ميدانن کي يقيني بڻائڻ لاءِ اوليتي اپائن ۽ هنڌن يا قانوني حدن بابت معاهدو ٿيڻ گهرجي.

### پاليسي جي مسئلن تي لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت

لاڳاپيل ڌريون خاص ڪري جيڪي مالياتي منصوبابندي جو ذميوار هجن انهن کي شامل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن مستقبل ۾ ماحولي خطن خاص ڪري پٽن، ٻيلن ۽ ندين جي مٿا سٽا يا نئين سر جوڙجڪ لاءِ پئسا الڳ ڪري انهن جي خرچ ۾ بهتري آندي وڃي.

## اهم ڌارا ۾ ممڪن داخلا وارين نقطن جي نشاندهي

عوامي ايجنڊا ۾ معاشي ذريعن جي مسئلي کي بهتر نموني پيش ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبابندي ۾ ماحولي سرشتي جي معاشي ذريعن کي شامل ڪرڻ وارن داخلي نقطن جي نشاندهي ضروري آهي. پاڪستان ۾ اهي داخلي نقطا ويزن 2025، ساليانو ترقياتي منصوبا، مختلف ڪاتن جون بجيٽون ۽ پاليسيون، ضلعي ۽ صوبائي منصوبا.



## ڊبليو ڊبليو پاڪستان جو موسمي تبديلي جو مقصد

پاڪستان ۾ گوناگون جيوت ۽ ماحولي سرشتن تي موسمي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سڄي ملڪ اندر موسمي تبديلي سان موافقت واري پروگرام جو آغاز ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ پائدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ.

Climate Chnage Adaptation in Pakistan

WWF

FACTSHEET

PAK

2014

## آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

# پاليسي معاملا: آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ موسمي تبديلي سان موافقت کي کهڙي طرح بهتر نموني سان مختلف ڪاتن جي پاليسين ۾ شامل ڪيو وڃي؟



**مالي سهائتا ڪندڙ**: گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين)

**عرصو**: مئي 2013 کان نومبر 2014

**موضوع**: آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

پاڪستان تي موسمي تبديليءَ جو تمام وڏو اثر پيو آهي، جنهن جو مثال جرمن واچ جي سال 2010 کان پيش ڪيل موسمي خطرن واري انڊيڪس (ڪلائميٽ رسڪ انڊيڪس) آهي، جنهن ۾ پاڪستان کي لڳاتار طور وڏن خطرن هيٺ آيل قومن جي فهرست ۾ شامل ڪيو پيو وڃي، خاص ڪري سنڌ صوبو تازين آفتن ۽ موسمي تبديلين کان سخت متاثر ٿيو آهي. ان جا ڪيترائي اهم سبب آهن، جن ۾ برادرين پاران گهٽ موافقت رکڻ، ڪمزور ادارتي ۽ پاليسي نظام ۽ قدرتي وسيلن تي مقامي دٻاءُ شامل آهن. ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين) جي سهڪار سان سنڌو ماحولي خطي ۾ قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت رکڻ واري منصوبي تي عملدرآمد آهي. منصوبي جو بنيادي مقصد ماحولي سرشتي ۾ لچڪدار اپائن جي نشاندهي ۽ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ سفارشون پيش ڪرڻ آهي.

### منصوبي جا مقصد

انهن مسئلن کي نظر ۾ رکندي هن منصوبي جا مقصد آهن ته:

1) اوليتي سائنسي ڄاڻ ۽ تجزياتي پاليسي معلومات جي نشاندهي ڪرڻ جيڪا سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديليءَ کي گهٽائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل آهي.
2) پاليسيون ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جي لاءِ اپائن جي بنياد تي موسمي لچڪدار نظام پيش ڪرڻ آهي.
3) سنڌ جي چونڊ خطرن هيٺ اينڊڙ برادرين خاص ڪري عورتن جي موافقتي صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ آهي



4) سنڌ سرڪار کي تخليقي ماحولي سرشتي جي بنياد تي موسمي طور لچڪدار معاشي وسيلن لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن کي جنس جو محور بڻجندڙ موافقتي پاليسين ۾ مربوط طور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي اهم ڏارا ۾ شامل ڪرڻ آهي.

## ڪاميابيون

ويجهن سالن ۾ ۽ تاريخي حوالي سان ٻه پاڪستان جي سنڌو درياهه ۾ ڪيترائي مها ٻوڏن وارا واقعا ٿيندا رهيا آهن. اهي واقعا پرپاسي ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ تمام گهڻو نقصان ڪندڙ ثابت ٿيا آهن: زمين تباهه ٿيڻ سان هارپي سان لاڳاپيل معاشي ذريعا اثرانداز ٿيا آهن ۽ / يا چوپائي مال ۽ ماهيگيريءَ جي سرگرمين ۾ رڪاوٽ آئي آهي. خاص طور سنڌو ڊيلٽا جي علائقي ۾، ان کان علاوه گهريلو ناڻو مثال طور: گهر ۽ ڍانچو تباهه ٿيا آهن. ان ڪري پهرين قدم جي حيثيت ۾ هن منصوبي جو مقصد پاڪستان جي تناظر ۾ خوشحاليءَ کي ٿيندڙ نقصان، منهن ڏيندڙ حڪمت عمليون ۽ ٻيهر بحالي جي سوالن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

هڪ ٻيو مسئلو جنهن تي هن منصوبي تحت ڪم ڪيو ويو آهي، اهو آهي خطري هيٺ آيل گروهن جي صلاحيت، جن کي اڪثر ڪري سماجي، معاشي ۽ سياسي رڪاوٽون پيش اينديون آهن، جيڪي انهن جي موسمي تبديلي جي اثرن ۽ قدرتي خطرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت کي محدود رکنديون آهن. ان حوالي کان جنس جي حوالي کان حساس حڪمت عملين خاص ڪري برادرين جي سطح تي ايڪواڪلچر جي فيزيبلٽي اڀياس ذريعي نشاندهي ڪئي وئي. جن ۾ خاندانن جي 500 سربراهن جن ۾ 250 عورتون ٻه شامل هيون انهن کي پائدارايڪواڪلچر جي طريقن ۾ تربيت ڏني وئي ته جيئن اهي موسمي تبديليءَ سبب پيدا ٿيل ماحولياتي بحرانن کي منهن ڏئي سگهن ۽ خطرن کي حل ڪرڻ لاءِ صلاحيت ۾ واڌارو آڻين. ان کان علاوه خطرن جي لپيٽ ۾ گهٽ اچن ۽ ترقيءَ لاءِ وڌيڪ موقعا پيدا ڪن.

پاليسي سطح تي، لاڳاپيل عملدارن جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ورڪشاپ ڪرايا ويا، جن جو محور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ موسمي تبديلي سان موافقت کي پاليسين جو حصو بڻائڻ هو.



### ڊبليو ڊبليو پاڪستان جو موسمي تبديلي جو مقصد

پاڪستان ۾ گوناگون جيوت ۽ ماحولي سرشتن تي موسمي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سڄي ملڪ اندر موسمي تبديلي سان موافقت واري پروگرام جو آغاز ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ پائدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ.





WWF
Why we are here:
To stop the degradation of the planet's natural environment and to build a future in which humans live in harmony with nature.
www.wwfpak.org info@wwf.org.pk WWFPak WWFPak

WWF

FACTSHEET

PAK

2014

# آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

## سنڌو ماحولي خطي ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ موسمي تبديلي سان موافقت کي اهم ڏارا جو حصو بڻائڻ _ تحقيق



پاڪستان ۾ ٻوڏن ۽ ٻين قدرتي آفتن جو تغمينو لڳائڻ بابت تمام گهٽ تحقيقي اڀياس ملي ٿو. خاص طور ادارن، مارڪيٽن، ۽ سماجي لاڳاپن ۽ انهن جي ترتيبن تحت تڪڙن نتيجن ۽ ٻيهر بحالي بابت تفصيل سان تحقيق نہ ڪئي ويئي آهي. ان ڪري ان تحقيقي خال کي پورو ڪرڻ ۽ پاليسيون ناهيندڙن جي مدد لاءِ **سنڌو ماحولي خطي ۾ آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي** ۽ موسمي تبديلي سان موافقت کي اهم ڏارا جو حصو بڻائڻ واري منصوبي تحت بيمثال تحقيقي نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن. جيڪي چوپائي مال ۽ ماهيگيري ڪاتن ۾ ٻوڏن ۽ قدرتي آفتن جي اثرن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي مددگار ثابت ٿيا آهن. ان ڪان علاوه خاندانن پاران ترقي کي قائم رکڻ لاءِ جوڙيل حڪمت عملين کي جاچڻ ۽ موافقتي ۽ موسمي تبديلي کي پاڪستان جي سياسي، تاريخي ۽ معاشي پسمنظر ۾ ڏسڻ جي حوالي کان بہ ڪارائتا ثابت ٿيا آهن. ان ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين) جي سهڪار سان سنڌو ماحولي خطي ۾ قدرتي آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ ۽ موسمي تبديلي سان موافقت رکڻ واري منصوبي تي عملدرآمد آهي. منصوبي جو بنيادي مقصد ماحولي سرشتي ۾ لچڪدار اپائن جي نشاندهي ۽ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ سفارشون پيش ڪرڻ آهي.

**مالي سهائتا ڪندڙ:** گلوبل چينج سسٽم فار اينلائيسز، رسرچ اينڊ ٽريننگ (اسٽارٽ)، ڪلائميٽ اينڊ ڊولپمينٽ ناليج نيٽ ورڪ (سي ڊي ڪي اين)

**عرصو:** مئي 2013 کان نومبر 2014

**موضوع:** آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ، موسمي تبديلي سان موافقت، ماهيگيري ۽ چوپايو مال

## منصوبي جا مقصد

انهن مسئلن کي نظر ۾ رکندي هن منصوبي جا مقصد آهن تہ:

5) اوليتي سائنسي ڄاڻ ۽ تجزياتي پاليسي معلومات جي نشاندهي ڪرڻ جيڪا سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ موسمي تبديليءَ کي گهٽائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن کي گهٽائڻ لاءِ گهربل آهي.

6) پاليسيون ۽ منصوبا جوڙيندڙن لاءِ سنڌ جي ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ڪاتن ۾ معاشي ذريعن جي لاءِ اپائن جي بنياد تي موسمي لچڪدار نظام پيش ڪرڻ آهي.

7) سنڌ جي چونڊ خطرن هيٺ اينڊڙ برادرين خاص ڪري عورتن جي موافقتي صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ آهي

سنڌ سرڪار کي تخليقي ماحولي سرشتي جي بنياد تي موسمي طور لچڪدار معاشي وسيلن لاءِ سفارشون پيش ڪرڻ آهي ۽ انهن کي جنس جو محور بڻجندڙ موافقتي پاليسين ۽ مربوط طور آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائيءَ کي اهم ڏارا ۾ شامل ڪرڻ آهي



## تحقيقي اڀياس

**هيٺيان ٽي تحقيقي اڀياس ڪيا ويا، جيڪي هن منصوبي جو حصو آهن:**

### 2010، 2011 ۽ 2012 جي ٻوڏن جو سروي ذريعي تعين

هن اڀياس تحت چوٽياري ۽ ڪينجهر جي ٻن علائقن ۾ تقريبن 500 گهرن جي سروي ذريعي معلومات ورتي وئي، جنهن جو مقصد 2010_2009 جي ٻوڏن کان پوءِ گهريلو تعيناتي شين کي ٿيندڙ نقصان جي قيمت ۽ نوعيت کي جاچڻ هيو. مثال طور: اثاثا، آمدني ۽ کپت. گراف جي چند چاڙ مان ظاهر ٿئي ٿو ته وقت سان گڏوگڏ مختلف آمدني وارن ماڻهن، ٻوڏ کان متاثر ماڻهن ۽ ضابطو رکندڙ ماڻهن جيڪي ٻوڏ کان متاثر نه ٿيا انهن بابت حاصل ٿيل نتيجا مختلف هئا. خوشحاليءَ جو تعين ڪندڙ جزن تي قدرتي آفت جي تڪڙي ۽ وچين مدي جي اثر کي ٻوڏ کان بعد واري مرحلي ۽ ٻيهر بحالي واري عرصي ذريعي جاچيو ويو.

نتيجن مان معلومات ٿئي ٿو ته منڇر يا چوٽياري ۾ سراسري طور کپت، آمدني يا اثاثن تي ٻوڏ جو ڪو مستقل اثر نه پيو، پر برادرين لاءِ کپت آفتن کي بهتر طور منهن ڏيڻ واري حڪمت عملي آهي، جنهن ذريعي اهي ان جي اثر کي گهٽائين ٿا.



### ڊبليو ڊبليو پاڪستان جو موسمي تبديلي جو مقصد

پاڪستان ۾ گوناگون جيوت ۽ ماحولي سرشتن تي موسمي تبديلي جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ سڄي ملڪ اندر موسمي تبديلي سان موافقت واري پروگرام جو آغاز ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ پائدار ترقي کي هٿي وٺرائڻ.

## فزيبلٽي اڀياس

فزيبلٽي اڀياس جو مقصد موسمي طور لچڪدار ماحولي سرشتي جي معاشي ذريعن کي جاچڻ آهي، جيڪي سنڌ جي برادرين لاءِ موافق هجن ۽ فطرت ۾ موسم سان نهڪندڙ هجن ۽ اهي آفتن جي خطري کي به منهن ڏئي سگهن. اڀياس ذريعي ايڪوا ڪلچر جي بحيثيت هڪ نئين موسمي طور لچڪدار ماحولي سرشتي جي معاشي ذريعي طور نشاندهي ڪئي وئي، جنهن کي سنڌ ۾ متعارف ڪرائي برادرين کي ان لائق بڻايو وڃي ته جيئن اهي موسمي تبديلي جي اثرن ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏئي سگهن. تنهن هوندي به بهتر نموني سان آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي (ڊي آر آر) جي اٿهوند سبب ايڪواڪلچر جو تعميراتي ڍانچو مثال طور: تلاءَ ۽ پنجرا به آفتن جي لپيٽ ۾ آهن.

### پاڪستان ۾ موسمي تبديليءَ سان موافقت واري سياسي معاشيات

هن اڀياس جو مقصد موافقتي ۽ موسمي تبديليءَ جي پاليسي کي پاڪستان جي تاريخي ۽ معاشياتي پسمنظر ۾ ڏسڻو آهي. هن اڀياس مان پتو پوي ٿو ته:

1) 2010 جي ٻوڏن ۽ 2011 جي برساتن ۾ ٿيل نقصان جي ڪاٽي ۾ غير موجود پاليسين ۽ پاليسي ناڪامين جو ڪردار
2) فعال مربوط آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ميدان ۾ موافقتي اپائن لاءِ ادارتي ۽ موضوعي پاليسين، سهڪاري طريقيڪار، سائنسي ۽ معاشي معلومات جون ضرورتون ۽؛
3) آفتن جي خطرن ۾ گهٽتائي ۽ موافقتي اپائن مثال طور: ماهيگيري ۽ چوپائي مال جي ميدان ۾ ماحولي سرشتي جي معاشي ذريعن لاءِ حقيقي ۽ وقت جي پابند، داخلي نقطن جي دستيابي.

Why we are here:
To stop the degradation of the planet's natural environment and to build a future in which humans live in harmony with nature.

www.wwfpak.org info@wwf.org.pk WWFPak WWFPak